# اَيڊمرل آر. ايڇ. ٿهلياڻي

سابق چيف آف نيول اِسٽاف

۽ اَڳوڻو سڪم جو گورنر



Admiral R. H. Tahiliani (Retd)
Former Chief of Naval Staff &
Former Governor of Sikkim

ڀارت اَلڳ اَلڳ جاتين، ڌرمن ۽ ٻولين جو ديش آهي. اَسين سنڌي هتي ڳڻپ جي حساب سان ڀل ٿورائيءَ ۾ آهيون؛ پر اَسان جي سنڌي سپوتن هر ميدان ۾ پنهنجو بي مثال يوگدان ڏنو آهي! تعليم، اَدب، فائين آرٽ، اِنڊسٽري توڙي واپار؛ ايتري قدر جو سنڌين ديش جي رکشا لاءِ پڻ جيءَ جان جو نذرانو ڏنو آهي!

اهڙين سمورين اِنفرادي شخصيتن جو اَنمول يوگدان وقت جي تهہ هيٺ دفن نہ ٿئي، اها سموري ڄاڻ اِتهاس ۾ محفوظ رکڻ جي مقصد سان اَڄ اَسين ملون ٿا ڀارت جي اڳوڻي چيف آف نيول اِ سٽاف ۽ سڪم جي سابق گورنر، **اَيڊمرل آر. ايڇ. ٽهلياڻيءَ** سان؛ جنهن جي شخصيت کي ويڇهڙائيءَ کان پسڻ جي ڪوشش ڪنداسين جيئن اَسان جي ايندڙ نسل کي اُنهن جي قربانين ۽ نشڪام سيوائن مان ڪا پريرڻا ملي!

**جوَهراڻي:** **ٿهلياڻي صاحب! اَڄ جي هن گَڏجاڻيءَ ۾ توهان جو سواگت آهي!**

**ٿهلياڻي:** جوهراڻي صاحب، مهرباني! توهان مون کي سيني سان مخاطب ٿيڻ جو اَڄ موقعو ڏنو آهي!

**جوَهراڻي:** **سڀ کان پهرين اَسين ڄاڻڻ چاهينداسين ته اَوهين سنڌ ۾ ڪٿي ڄاوا ۽ اُتي توهان جي پريوار جو ڪهڙو ڏنڊو واپار هو؟**

**ٿهلياڻي:** اَسين اَصل 'نئٽ يوجراج' جا آهيون؛ پر منهنجو جنم ڪراچيءَ ۾ ٿيو. اُنهن ڏينهن ۾ منهنجو پتا اُتي ڪراچيءَ ۾ اَچا پنهنجي تعليم پرائي رهيو هئو. منهنجو ڏاڏو، جنهن پوسٽل ڊپارٽمينٽ مان رٽائر ڪيو هئو؛ اُهو به انهن ڏينهن ۾ ڪراچيءَ ۾ رهندو هئو.

نئٽ يوجراج، منياڻيءَ جي پرسان هڪ ننڍڙو ڳوٺ هئو؛ جتي اَسين ۽ اَسان جا سڀ سؤٽ وغيره رهندا هئاسين. اَسين اُتي ڪافي وقت رهياسين. مونکي يادگيري آهي ته مان جڏهن پهرين پهرين اِسڪول ۾ داخل ٿيس، ته اُهو نئٽ يوجراج ۾ ئي هئو. اُتي هڪ ئي شخص ٽيچر به هئو ۽ هوُ اُن ساڳئي ڳوٺ جو پوسٽ ماسٽر به هئو!

منهنجي پتا پنهنجي تعليم ختم ڪري، پوسٽل ڊپارٽمينٽ جائن ڪئي. ڪُجهه وقت ڪانپوءِ هن جو ٽرانسفر ٿيو، ته اَسين وري نؤشهرو فيروز ۾ آياسين. اُن ڪان پوءِ منهنجي پتا پوسٽ جي نوڪري به ڇڏي ڏني.

''My Father' s first love was teaching!
So he became Principal of a school at Tando Allahyar!''

اُن وقت اَسان جي فيملي وڏي هئي ۽ ٽيچنگ پروفيشن ۾ ڪي خاص پيسا به ڪونه ملندا هئا؛ تنهن هوندي به پتا کي پڙهائڻ جو شوق هو!

**جوَهراڻي:** **ٿهلياڻي صاحب! سچ ٿا چئو! ماستريءَ ۾ اَڳ به ساڳي ڳالهه هئي، هاڻي به ساڳي ڳالهه آهي. ماسترن جون ايتريون پگهارون ڪونه آهن!**

**ٿهلياڻي:** ها! بعد ۾ منهنجي پتا اُها نوڪري ڇڏي بڙودا ۾ اَچي ڏنڊو واپار

ڪيو. تڏهن آءٌ تيرهن سالن جو هوس، جڏهن اَسين سنڌ ڇڏي بڙودا آياسين.

جوَهراڻي: **ڇا توهان پنهنجي باقي تعليم بڙودا ۾ ئي ورتي؟**

ٿهلياڻي: **ها!** منهنجي پنهنجي تعليم بڙودا ۾ ئي ٿي. ڇو جو اُتي اَچڻ کان پوءِ مون 'Rosery High School' ۾ داخلا ورتي،جيڪو هڪ Missionary School هئو. مان ۽ منهنجا ننڍا ڀائر اُتي داخل ٿياسين. مون اُتان مئٽرڪ پاس ڪئي! پوءِ مان بمبئيءَ آيس. هتي اَچي مان وڌيڪ پڙهڻ لاءِ 'St. Xaviers College' ۾ داخل ٿيس. اُنهيءَ سال مون 'Navy' جي ايڊورٽائزمينٽ پڻ ڏٺي ۽ اُن ۾ اَمتحان لاءِ Apply ڪيم.

جوَهراڻي: **اها ڪهڙي سال جي ڳالهہ آهي؟**

ٿهلياڻي: ۱۹۴۷ع ! اُنهيءَ وقت جيڪي نيويءَ جي Permanant Commission لاءِ تياري ڪندا هئا، تن لاءِ اِمتحان هڪڙي ئي سينٽر ۾ ٿيندو هئو: 'Federal Public Service Commission !'

'يونين پبلڪ سروس ڪميشن' کي پهرين 'فيڊرل پبلڪ سروس ڪميشن' ڪري سڏيندا هئا. اُهو اِمتحان دهليءَ ۾ ٿيو. پوءِ جنوريءَ ۾ اِنٽرويو ورتي ۽ مارچ ۾ مون کي ٽريننگ لاءِ اِنگلنڊ موڪليو ويو.

جوَهراڻي: **توهين اَصل Aviation سان وابستہ هئا، پوءِ نيويءَ ۾ ڪيئن آيا؟**

ٿهلياڻي: نہ! مان پهرين کان ئي نيويءَ ۾ آيس. اَسان جي نيويءَ ۾ ۱۹۴۹ع واري وقت کان ئي Aviation Wing کولڻ لاءِ سوچيو ويو هئو. 'IInd World War' ۾ توهان ٻڌو هوندو تہ جيڪي بہ وڏيون لڙايون سمنڊ تي ٿيون، تن ۾ Aircraft Careers جو اَهم حصو هو. پرل هاربر تي حملو بہ جپاني Aircrafts سان ڪيو ويو. هينئر اَسين آزاد ديش آهيون، تہ اَسان جي سرڪار بہ چاهيو تہ اَسان جي نيويءَ کي 'Aviaton Wing' هجي.

جوَهراڻي: **اُن سبب ڪري ڇا توهان کي Aviation جي بہ ٽريننگ ڏني ويئي؟**

**ٿهلياڻي:** اُها ٽريننگ پوءِ ملي! آءٌ چار سال ٽي مهنا ڪن اِنگلنڊ ۾ هوس. اُتان موٽي اَچڻ کانپوءِ مون Aviation لاءِ Volunteer ڪيو. تڏهن مونکي 'Indian Airforce Acadamy, Begum Peth' ۾ Fly Training لاءِ موڪليائون.

**جوَهراڻي: ڀين سنڌين وانگر ورهاڱي جو ڪجهه بُرو اَثر توهان جي پريوار تي به پيو؟**

**ٿهلياڻي:** نه! شڪر آهي ته اَسان جي پريوار تي ڪجهه به اَثر ڪونه ٿيو. رُڳو جيڪي ٿوريون گهڻيون زمينون هيون سي وڃايوسين. پر ورهاڱي وقت اَسان کي جيڪو دک سهڻو پيو سو هئو اَسان جي پتا صاحب جو ديهانت، جيڪو ١٩٤٧ ۾ ٿيو. باقي اَسين هتي اَچي مسواڙي تي جڳهين ۾ رهياسين!

**جوَهراڻي: ڇيو ويندو آهي ته ٿهلياڻيءَ جي يوگدان کي نيوي هميشه ياد رکندي!**

**ٿهلياڻي:** نه سائين! اِ ئين ته سيني جو گڏيل يوگدان آهي!

**جوَهراڻي: ڇا اُن وقت توهان جي اَيامڪاريءَ ۾ ڪا لڙائي لڳي؟**

**ٿهلياڻي:** نه! لڙائي وغيره ڪانه لڳي هئي. پر منهنجي اَيامڪاريءَ ۾
''Navy was lucky!We got new ships''
اَسان کي هڪ ٻيو به ايئرڪرافٽ ڪيريئر پڻ مليو!

**جوَهراڻي: توهين رٽائر ٿيڻ کانپوءِ يڪدم سڪم جا گورنر مقرر ڪيا ويا؟**

**ٿهلياڻي:** نه پهرين ٻه سال ته
I was a Retired gentleman
مون اُن وقت ئي 'Servants of Peoples Society' ۾ سماجڪ ڪاريه شروع ڪيو . پوءِ جڏهن V.P. Singh پرائيم منسٽر ٿيو ته اُن مونکي گورنر جي پوسٽ آڇي؛ جا مون قبول ڪئي. تڏهن مونکي سڪم جو گورنر ڪري موڪليائون.

**جوَهراڻي: اَڄ ڪلهه گورنر نامزد ڪرڻ لاءِ سرڪار جو جيڪو ڍانچو آهي، توهين اُن سان سهمت آهيو؟**

ٿهلياڻي: نہ! هر ڪنهن جو پنهنجو خيال آهي! جيڪڏهن گورنرس Non-Political هجن، جن جو ڪنهن بہ پولٽيڪل پارٽيءَ سان سنبنڌ نہ هجي تہ اُهو اَسان جي ديس لاءِ وڌيڪ بهتر ٿيندو! مون سرڪار کيسجهاءُ ڏنو تہ اُتي سڪم ۾ President's Rule لڳايو، جو اُهو State لاءِ سنو ٿيندو. تڏهن نرسمهاراءُ Cabinet Meeting ڪوٺائي ۽ پريزيڊنٽ روُل لڳايو ويو.

**جوَهراڻي: اَوهان جي 'Transparency International' تنظيم جا اُصول ۽ اُديشڪهڙا آهن؟ توهين اُن سان ڪڏهن کان جڙيا؟ اُن سنسٿا جي شيوا ڪاريہ جو دائرو ڪيترو وشال آهي؟**

ٿهلياڻي: ١٩٢١ع ۾ لالا لجپت راءِ 'Servants of People's Society' شروع ڪئي، جنهن کي مهاتما گانڌيءَ Inaugurate ڪيو هو.اُنهن جو ڪافي ڪم هليو پئي . غريب طبقي جي ماڻهن ۽ Widows وغيره لاءِ! مونکي اُهو ڪم سنو لڳو. 'Transparency International' جڏهن هندوستان ۾ پنهنجو Chapter کوليو؛

تڏهن Servants of People's Society مونکي چيو تہ هاڻ توهين اِهو ڪم سنڀاليو. آءٌ ١٩٩٧ع کان اُن سان جڙيل آهيان.

**جوَهراڻي: ڇا پوري دنيا ۾ اُن جون شاخون آهن؟**

ٿهلياڻي: پوري دنيا ۾ اُن جون ٨٠ کان بہ وڌيڪ شاخون آهن!

**جوَهراڻي: شايد اُنهن جو اَهم مقصد آهي پرشٽاچار کي ختم ڪرڻ؟**

ٿهلياڻي: بلڪل صحيح ٿا چئو! ڪرپشن کي هٽائڻ، ڪرپشن کي گهٽ ڪرڻ! ڇو جو رشوت خوري سيني کي ڏکوئي ٿي! خاص ڪري اسان جي غريب آديواسين کي سيني کان وڌيڪ!

**جوَهراڻي: توهان هڪ بيان ڪڍيو هئو، تہ جيڪڏهن سرڪار ديش مان غريبي ختم ڪرڻ چاهي ٿي تہ سڀ کان پهرين Corruption کي ختم ڪرڻو پوندو! اهو ڪيئن؟ غريبي ۽ رشوت خوريءَ جو پاڻ ۾ ڪهڙو سنبنڌ آهي؟**

**ٿهلياڻي:** اُهو بلڪل Simple آهي تہ جيڪڏهن سرڪار کي Political Will آهي تہ اَسان وٽ گهڻي ئي قانون آهن. پر اُنهن قانونن کي لاڳو ڪرڻو آهي. اُنهن کي صحيح نموني Enforce ڪرڻو آهي. هينئر Investigating Agencies آهن.

They are also under the Executives اُنهن کي خود مختيار ڪرڻو پوندو. اِئين ڪم نہ هلندو.

''Investigating Agencies and Prosecuting Agencies
should be totally independent, like the Election Commission!''

پوءِ ڪجھ ٿيندو ۽ نتيجو نڪرندو! هينئر تہ اسان جو جيڪو Chief Vigillance Commissioner آهي، اُن کي بہ خاص Power ڪانهي. اهو بہ صرف Recommend ٿو ڪري سگهي. اِئين Corruption ڪونہ ختم ٿيندو . جيستائين اَسان جا Rulers پاڻ ئي Corruption مان پيا پيسا ڪاهيندا، تہ پوءِ هيٺيان ڪرمچاري پاڻ کي گهاٽو ڇو لڳائيندا!

**جوَهراڻي: Corruption جي لحاظ کان اسان جو ديش دنيا ۾ ڪٿي پهتل آهي؟**

**ٿهلياڻي:** ڏاڍو هيٺ! اَسان جي جيڪا Last Survey ٿي هئي؛ اُن ۾ اَسين **ايمانداريءَ** ۾ ۸۳ نمبر تي هئاسين.

No.1 is the most Honest Country!

**جوَهراڻي: اها سروي ڪيئن ٿيندي آهي؟ ان لاءِ ڪي خاص Norms آهن؟**

**ٿهلياڻي:** ڇا ٿيندو آهي، تہ جيڪي Independent Agencies آهن؛ يعني Forums, World Bank وغيره وغيره. اُهي اِهو ڪم ڪٽنديون آهن! پوءِ Computer's Mathematical Modelling جي آڌار تي اُن ۾ سيني ملڪن جي Ranking ايندي آهي. ان نموني Transparency International جي پڻ Ranking ٿيندي آهي، اُها هن سال جي Ranking آءِ ۲۰- آڪٽوبر تي دهليءَ ۾ رليز ڪندس. اُها Business Transactions لاءِ آهي.

پوٽا بہ سال ٿيا آهن، جو 'Transparency International' جي هتي

هڪ ٻي پڻ سروي هلي ٿي. ‘Developed Nations’ ۾ روزانه ڪرپشن بابت پوليس، اسڪول ، هليٿ وغيره؛ جنهن مان ظاهر ٿيو ته ٻاهر ايڏي ڪرپشن ناهي ، جيتري هتي هندوستان ۾ آهي. اَسان اُن جي سروي صرف گورنمينٽ جي ڏهن ڊپارٽمينٽس لاءِ ڪئي. ان ۾ ايڪسائيز ۽ ڪسٽم شامل ڪونه هئا، ڇو جو سالُ اڳ ۾

The Chairman of Central Excise Board was arrested !

جنهن ڪري اسان اُنهن جي سروي نه ڪئي. باقي ٻين ڏهن ڊپارٽمينٽس جي اَسان سروي ڪئي. اَسان Mathematical Modelling سان حساب لڳايو، ته هندوستان ۾ هر سال 26,768 ڪروڙ روپيه رشوت جي روپ ۾ غريبن کي ڀرڻا پون ٿا.

**جوَهراڻي: ڇا توهان جي سروي ۾ خبر پيئي ته هندوستان ۾ رشوتخوري ڪهڙي ميدان ۾ وڌيڪ آهي؟**

ٿهلياڻي: Health tops the list!

۽ جڏهن اَسان Region Wise اها سروي ڪئي، ته

West Region is so corrupt as the North ...

توهين ڪنهن سرڪاري اِسپتال ۾ وڃو، ته توهان کي اَهڙي سهوليت ڪونه ملندي، جيستائين ڀهرين ڪنهن Tout کي پيسا نه ڏنا ويا آهن. ڊاڪٽر کي اَلڳ ڏجن، جنهن ڪان دوائون ٿيون وٺجن. هر هنڌ ڏيٺو ٿو پوي! ايتري قدر جو ‘Death Certificate’ يا ‘Birth Certificate’ وٺڻ لاءِ به ڪجهه نه ڪجهه ڏيٺو پوي ٿو. ڏاڍو اَنڌ ڌنڌ لڳو پيو آهي!

**جوَهراڻي: اُنهن ٻن سنسٿائن ڪانسواءِ ڪنهن ٻيءَ سنسٿا سان به توهين جُڙيل آهيو؟**

ٿهلياڻي: نه بس! جيڪي ‘Servants of People’s Society’ جا اِ سڪول آهن، اُهي به خاص طور غريب شاگردن لاءِ آهن.

**جوَهراڻي: اهي اِسڪول ڇا دهليءَ ۾ به آهن؟**

ٿهلياڻي: ها! اُنهن لاءِ هڪ ٻي سنسٿا آهي:

‘Memorial Fund For Dissaster Relief’؛ جنهن جو ڪم آهي

اِسڪولن جي سنپال ڪرڻ. مان بہ ان جو هڪ ٽرسٽي آهيان. اُن سنسٿا کي پنهنجون Mobile T.B. Clinics آهن. مون هندوستان ۾ اها پهرين سڪم ۾ شروع ڪئي هئي. ڇو جو جيڪي غريب ماڻهو دور دراز ايرضين ۾ رهن ٿا، انهن کي بيماريءَ جي ڪا بہ خبر نہ ٿي پوي، ۽ خبر پوڻ ڪانپوءِ بہ ٽي.بي. جهڙين بيمارين جون اُنهن کي دوائون بہ نہ ٿيون ملن! ٽي. بي. جو علاج ڪرڻ لاءِ دوائون بہ ڏاڍيون مهانگيون آهن. اَسان جي ٽرسٽ، هندوستان ۾ اُن بيماريءَ لاءِ گهڻي مدد ڪري رهي آهي.

**جوَهراڻي:** **هڪ ٻيو تحرڪ ‘Delhi Election Watch’ بہ توهان هلايو، جنهن هندوستان جي سياسي ميدان ۾ هلچل آندي!**

**ٿهلياڻي:** ‘Delhi Election Watch’ اَسان جڏهن شروع ڪئي، تڏهن اُن ۾ ٻاويه غير سرڪاري سنسٿائون هيون. مان چيئرمن ٿيس. پر اهو ڪم اَسان سيني گڏجي ڪيو هئو. جو اَسان سپريم ڪورٽ ۾ لڙائي ڪئيسين. هاڻي جيڪڏهن ڪنهن کي بہ اليڪشن لاءِ بيهڻو آهي تہ اُن کي Disclosures Affidavit، ڪرمنل رڪارڊ Assets & Liabilities؛ سڀ جنتا جي اَڳيان ظاهر ڪرڻا آهن!

**جوَهراڻي:** **اهو توهان جي دوربينديشي ۽ محنت جو نتيجو آهي ۽ هينئر پبلڪ ۾ بہ سجاڳي اَچي ويئي آهي!**

**ٿهلياڻي:** اُن نموني ئي تہ وڏيڪ سٺا Candidates سامهون ايندا. اَسين هينئر ڏسنداسين تہ Political Parties نون Groups کي ٽڪيٽون ڏين ۽ نوجوانن کي سياست ۾ جوڳي جڳهہ ملي.

**جوَهراڻي:** **سنڌي سماج ۾ اَڄ اَسان جي ٻولي، ساهتيہ ۽ تهذيب ۾ ٽڪڙو ٽڪڙو بدلاءُ اَچي رهيو آهي. اَسين جتي بہ رهون ٿا اُتان جي پرانت جو رنگ چڙهندو ٿو وڃي. ان نموني اَسان جي پنهنجي سيتا کي ڌهرم رسي ٿو، اُن لاءِ ڇا ڪرڻ گهرجي؟**

**ٿهلياڻي:** رام! مان پاڻ کي هڪ سنو سنڌي ڪونہ سمجهندو آهيان! سچ پڇ تہ اَسين جتي بہ رهيا آهيون! اَسان کي اُتان جو رنگ لڳو آهي.

**جوَهراڻي:** **سنڌي ٻولي ختم ٿيندي تہ اَسان جي سڃاڻپ بہ گم ٿي ويندي! ڇا اِئين اَسين پنهنجي تهذيب جي پونجي وڃائي ڇڏيون؟**

**ٿهلياڻي:** نہ! نہ! سنڌي ٻولي ختم ڪونہ ٿيندي! رام، توهان جهڙا شخص وينا آهن. دوردرشن آهي. Sindhi Academies ۽ سهيوگ فائونڊيشن جهڙيون سنسٿائون سنڌي ٻوليءَ لاءِ ڪم ڪري رهيون آهن. مونکي پڪ آهي تہ اهي ٻوليءَ کي ختم ٿيڻ نہ ڏيندا!

**جوَهراڻي:** **ورهاڱي کانپوءِ اَوهين ڪڏهن سنڌ ويا آهيو؟**

**ٿهلياڻي:** مان ٽريننگ مهل جڏهن پهريان چار سال ٽي مهينا، برٽش نيويءَ سان هوس، اُن وقت هڪ برٽش نيويءَ جي جهاز ۾ 1950ع ۾ مان بہ دفعا ڪراچيءَ ويو هوس. بس، اُن کانپوءِ مونکي ڪڏهن بہ وڃڻ جو موقعو ڪونہ مليو آهي.

**جوَهراڻي:** **توهان پنهنجي زندگيءَ ۾ تمام ڪاميابيءَ جون منزلون طئہ ڪيون آهن؛ پر اَهڙي ڪا تمنا يا خواهش جيڪا اَڌوري هجي؟**

**ٿهلياڻي:** مونکي ڪا بہ تمنا ڪانهي! مان اِئين ڪڏهن بہ ڪونہ سمجهندو آهيان تہ مون ڪجهہ اِسپيشل ڪيو آهي. چوندا آهن، تہ ”ڪري بہ اُهو ئي ٿو، ڪرائي بہ اُهوئي ٿو!“

مونکي سنتوش آهي!

**جوَهراڻي:** **توهان جو يوگدان سماج ۽ ديش لاءِ تاريخي آهي؛ جنهن کي ڪو بہ وساري ڪونہ سگهندو!**

**ٿهلياڻي:** These are all incidents of life!

**جوَهراڻي:** **اِها توهان جي نهٺائي آهي! پر سچ تہ توهان جو يوگدان قابل تعريف آهي! توهان پنهنجو قيمتي وقت ڏنو؛ ديش ۽ اڄ جي حالات تي روشني وڌي؛ ان لاءِ ڏاڍي وڏي مهرباني!**

**ٿهلياڻي:** Thank You! Thank You!